هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سنّتن ڀريو بيان

29-DECEMBER-2016

# حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ننڍپڻ

(Sindhi)



اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ننڍپڻ

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُولَ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الِاعْتِکَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جنهن ڪي هي پسند هجي تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻ وَقت اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي ٿئي، ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهي.

(فِردَوسُ الاَخبار بمأثور الخِطاب ج۲ ص۲۸۴ حديث ۶۰۸۳ )

اللّٰہ کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے اُس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ

اَلْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيدُنا عبدُ المُطّلِب جو خواب

تمام وڏي عاشقِ رسول حضرت سيدُنا اِمام جَلال الدِّين سُيوطي شافِعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جنهن بيداري ۾ 75 ڀيرا رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: (پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا محترم ڏاڏا) حضرت عبدُ المُطّلِب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ (هڪ ڀيري) آئون حجرِ اَسود وٽ سُتل هئس تہ مون هڪ ڀوائتو خواب ڏٺو، جنهن سبب مون کي تمام گهڻي گهبراهٽ ٿي، پوءِ مان هڪ قُريشي ڪاهن (يعني

---

[1] (المعجم الکبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

قسمت جو حال ٻڌائڻ واري) وٽ ويس ۽ ان کي ٻڌايو تہ مون رات خواب ۾ هڪ وڻ ڏٺو، جنهن جي اُوچائي آسمان تائين ۽ ٽاريون اولهہ اوڀر تائين پکڙيل آهن وڻ مان نڪرندڙ نُور جي چمڪ ڏمڪ سج جي روشني کان سَترّ70 دفعا وڌيڪ آهي. اُن جي اڳيان عرب ۽ عجم جهڪي رهيا آهن ۽ اُن جي عظمت، نُور ۽ بلندي ۾ هر گهڙي اِضافو ٿي رهيو آهي. هڪ لمحي هو لڪي ويندو آهي تہ ٻئي ئي لمحي ظاهر ٿي ويندو آهي. قُريش جي هڪ جماعت ان جي ٽارين سان چمٽيل آهي جڏهن تہ ٻي جماعت ان کي ڪٽڻ چاهي ٿي. جيئن اها جماعت ان کي ڪٽڻ جي لاءِ ويجهو پهتي تہ هڪ نوجوان اُنهن کي پکڙي ورتو، ان جهڙو حُسن ۽ سونهن جو پيڪر ۽ نَظافت ۽ خُوشبو سان مُعَطّر نوجوان مون ڪڏهن ناهي ڏٺو، پوءِ ان خوب رُو (خوبصورت) نوجوان ان جماعت جي ماڻهن جون چيلهون ڀڃي ۽ اکيون ڪڍي ڇڏيائين.

مون وڻ جو گل پٽڻ جي لاءِ پنهنجو هٿ اڳتي ڪيو پر ڪجهہ نہ پئي سگهيس. آخرڪار مون پڇيو تہ ان جو گل ڪير وٺي سگهي ٿو؟ جواب مليو: صِرف اهي ماڻهو جيڪي مَضبُوطي سان چمٽيل آهن. پوءِ خوف واري حالت ۾ منهنجي اک کلي پئي. حضرت عبدُ المُطّلِب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا تہ مون ڪاهن جي چهري کي ڏٺو تہ ان جو رنگ اُڏامي چڪو هو، پوءِ ان تعبير بيان ڪندي چيو: جيڪڏهن تنهجو خواب سچّو آهي تہ تنهجي ئي پٺيءَ مان هڪ اهڙو فَرزَند پيدا ٿيندو جيڪو اولهہ ۽ اوڀر جو مالِڪ ٿيندو ۽ هڪ مخلوق ان جون خوبيون ڏسي ان سان وابَستہ ٿي ويندي. (خَصائِص ڪبرٰي، باب رؤيا عبدالمطلب،۱/۶۷)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت عَبدُالمطلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جنهن نُور کي خواب ۾ ڏٺو هو 12 ربيعُ الاول شريف بَمُطابِق 20 اپريل 571 سومر جي ڏينهن صُبح صادِق جي روشن ۽ مُنوَّر سُهاني گهڙي ۾ اسان جي پياري آقا، حبيبِ ڪبريا

صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صُورت ۾ اَزَلي سَعادَتن ۽ اَبَدي مُسَرَّتن جو نُور بڻجي مڪ مُڪرَمَہ ۾ پيدا ٿيو. (اَلْمَوَاهِبُ اللَّدُنِّيۃ لِلْقَسْطَلَانِي ج۱ ص۶۶_۷۵ملتقطا)

جس سُہانی گھڑی چمکا طیبہ کا چاند
اُس دِل افروز ساعت پہ لاکھوں سلام

الله عَزَّ وَجَلَّ جي حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ جلوه گري ٿيندي ئي ڪفر ۽ گمراهيءَ جا ڪڪر هٽي ويا، ايران جي بادشاهہ "ڪسريٰ" جي محل تي زلزلو اچي ويو، چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا، ايران جو آتشڪدو جيڪو هڪ هزار سال کان ٻري رهيو هو اهو وسامي ويو، ساوَه درياهہ خشڪ ٿي ويو ۽ ڪعبي کي وجد اچي ويو. (صبح بهاران، ص ۲)

چاند سا چمکاتے چہرہ نور برساتے ہوئے — آگئے بدرُ الدُّجٰی، اَھلاً وَّ سَہلاً مرحبا
جُھک گیا کعبہ سبھی بُت منہ کے بل اَوندھے گرے — دَبدَبہ آمد کا تھا ، اَھلاً وَّ سَہلاً مرحبا
چودہ کنگورے گرے آتشکدہ ٹھنڈا ہوا — سٹپٹا شیطاں گیا ، اَھلاً وَّ سَہلاً مرحبا

(وسائلِ بخشش، ص۱۴۷،۱۴۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پياري آقا جون رِضاعي مائرون

آقاءِ دوجهان، رحمتِ عالَمِيان، محبوبِ رَحمان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وِلادَت کان بعد سڀ کان پهريان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي والِده ماجِده حضرت سيدَتُنا بي بي آمنہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا پنهنجي نُورِ نظر ۽ لختِ جگر کي کير پيئاريو، پوءِ ابولَهب جي آزاد ڪيل ٻانهيءَ حضرت ثُوَيبَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا کي هي شرف حاصل ٿيو. ان کان بعد پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي کير پيئارڻ جي سَعادَت حضرت

سيدَتُنا حَليمہ سَعدِيہ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا جي حصّي ۾ آئي. (سيرتِ رسولِ عربي،ص٥٩) جِن خُوش نصيب ٻيبين پياري آقا،حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي کير پيئارڻ جو شرف حاصل ڪيو. ان ۾ حضرت سيدَتُنا اُمِّ اَيمن رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا جو مُبارَڪ نالو بہ شامل آهي. (سيرة حلبيه، باب ذکر رضاعه ومااتصل به، ١٢٤/١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جن خُوش قِسمت ٻيبين پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي کير پيئارڻ جو شرف حاصل ڪيو، انهن سڀني عورتن کي ايمان جي دولت نصيب ٿي .

حضرت سَيدُتنا حليمہ سَعديہ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا ايمان جي دولت کان عِلاوه وڏيڪ جن برڪتن سان مالامال ٿيون. اچو! ان جي باري ۾ پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ شريف ۾ ٿيڻ وارا ڪجهہ واقعا ٻڌون.

شيخُ الحديث حضرت علامہ عَبدُالمصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي ڪتاب ”سِيرَتِ مصطفيٰ“ ۾ لکن ٿا: شُرَفاء عَرَب جي عادت هئي تہ هو پنهنجن ٻارن کي کير پيئارڻ جي لاءِ آس پاس جي ڳوٺن ۾ موڪلي ڇڏيندا ها، ڳوٺ جي صاف سُٿري آب هوا سبب ٻارن جي تَندُرُستي ۽ جِسماني صِحَّت بہ سٺي ٿي ويندي هئي ۽ هو خالِص ۽ فَصيح عَرَبي زبان بہ سِکي ويندا هئا، ڇوتہ شهر جي زبان ٻاهر جي ماڻهن سان مَيل جَول سان خالِص ۽ فَصِيح و بَلِيغ زبان نہ رهندي هئي. حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي کير پيئارڻ جي سَعادَت حَضرتِ سَيدَتُنا حَلِيمَہ سَعدِيہ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا کي حاصِل ٿي . پاڻ رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي کير پيئڻ واري عمر جا مُعجِزا بَيان ڪندي فرمائن ٿيون. مان ”بني سَعد“ جي عورتن سان گڏ کير پيئڻ وارن ٻارن جي ڳولها ۾ مڪي ڏانهن هليس، منهنجي هنج ۾ هڪ ٻار هو، پر غربت ۽ فاقي جي ڪري مون ۾ ايترو کير نہ هو، جو ان کي ڪافي ٿي سگهي. سڄي رات اهو ٻار بُک سبب تڙپندو ۽

روئيندو رهندو هو ۽ اسان ان جي دِلجُوئي ۽ دِلداري جي لاءِ سڄي رات ويهي گُذاريندا هئاسين. هڪ اُونٺڙي بہ اسان وٽ هئي، پر ان ۾ بہ کير نہ هو. مَڪ مُڪَرَّمہ جي سَفَر ۾ جنهن خچر تي آئون سُوار هئس، اهو بہ ايتري قَدر لاغَر (ڪمزور) هو جو قافلي وارن سان گڏ هلي نہ سگهندو هو منهنجا ساٿي بہ ان مان تنگ اچي چڪا هئا. وڏي مُشڪلن سان هي سَفَر طي ٿيو (۽ اهو قافِلو مڪي پهچي ويو ۽ قبيلهءِ بني سَعد جي عورتن کير پيئارڻ جي لاءِ گهر گهر وڃي ٻارن جي ڳولها شُروع ڪئي ۽ انهن سڀني عورتن کي کير پيئارڻ جي لاءِ ٻار ملي ويا، پر حَضرتِ حليمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا کي کير پيئارڻ جي لاءِ ڪو ٻار نہ ملي سگهيو، ڪافي دير تلاش ڪرڻ کان بعد نيٺ حضرت سَيِدَتُنا حليمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جي سُتل قسمت بيدار ٿي پئي ۽ سَرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن آغوش ۾ اچي ويا. (سيرتِ مصطفٰے،ص٧٣)

## اللّٰه اللّٰه سندن ننڍپڻ جا ڏينهن

حضرت سيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جڏهن حُضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وٺڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مڪانِ عاليشان تي پهتيون تہ فرمائن ٿيون: مون ڏٺو تہ حُضور پُرنور، شافِعِ يومُ النُّشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کير کان بہ وڌيڪ سفيد اُوني ڪپڙي ۾ ويڙهيل آهن، مُشڪ ۽ عنبر جون خوشبوئون اچي رهيون آهن، سبز رنگ جو ريشمي ڪپڙو هيٺ وڇايل هو، پُٺي ڀر آرام فرمائي رهيا هئا.

حضرت سَيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون چاهيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ننڊ مان بيدار ڪيان پر مان تہ اوهان جي حُسن ۽ جمال ئي ۾ گم ٿي ويس. پوءِ مون آهستہ کان ويجهو ٿي پنهنجن هٿن تي کڻي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيني تي هٿ رکيو تہ پاڻ

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ تي مُرڪ اچي وئي ۽ پنهنجون ننڍڙيون اکيون کولي ڇڏيون ۽ مون کي ڏسڻ لڳا، جيئن ئي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون ڏانهن نگاهه وڌي، سندن مبارڪ اکين مان هڪ نُور نڪتو، جيڪو آسمان ڏانهن پرواز ڪري ويو. مون شوقِ مَحبَّت وچان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي چشمانِ ڪرم جي درميان (يعني پيشاني تي) چمي ڏني.

(مدارِجُ النُّبُوَّة، قسم اول، باب اول، بيان حسن خلقت،۱۹/۲ملخصاً)

ك گيسو ہ دہن ی ابرو آنکھیں ع ص كٓهٰيٰعٓصٓ اُن کا ہے چہرہ نور کا

(حدائقِ بخشش،ص۲۴۹)

مختصر وضاحت: كٓهٰيٰعٓصٓ سُوره مريم جي آغاز ۾ حروفِ مُقطّعات آهن، انهن جي هڪ عاشقانا تعبير ڪندي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: ڪاف مان مُراد حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا گيسو (يعني وار) مُبارڪ آهن ته جهڙي نموني ڪاف مخصوص حلقي ۽ دائري جيان هوندو آهي، اهڙي طرح گيسوءِ مصطفيٰ به هڪ دلڪش حلقي جي شڪل ۾ آهن، "ہ" مان دهنِ مصطفيٰ مُراد آهي ته جهڙي طرح "ہ" وات جيان گول هوندي آهي، اهڙي طرح دهنِ مصطفيٰ به حسين گولائي ۾ آهي، يٰ مان ڀرون مصطفٰي مُراد آهن ته يٰ جي صُورت به ڀرون جيان هوندي آهي، ع ۽ ص مان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين ڏانهن اشارو آهي ته انهن جون شڪلون به اکين سان ملندڙ جُلندڙ آهن، مطلب ته كٓهٰيٰعٓصٓ ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روشن چهري کي بيان ڪيو ويو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً هي الله عَزَّ وَجَلَّ جو فضلِ عظيم ئي هو جو حضرت سيدَتُنا حليمه سعديه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جي سُتل قسمت بيدار ٿي وئي ۽ سرورِ ڪائنات، شاهه موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي آغوش ۾ اچي ويا. پنهنجي

خيمي ۾ آٽي جڏهن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا کير پيئارڻ وينيون تہ رَحمت جي مِينهن جيان نُبوَّت جون برڪتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويون، خدا عَزَّوَجَلَّ جي شان تہ ڏسو جو حضرت سيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جن کي ايتري قدر کير ٿيو جو رحمتِ عالَمِيان، شفيعِ مُجرِمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن رَضاعي ڀاء بہ خوب پيٽ ڀري کير پيتو ۽ ٻئي آرام سان سمهي پيا. هوڏانهن ڏاچيءَ کي ڏنو تہ ان جا ٿڻ بہ کير سان ڀرجي ويا هئا، حضرت سيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جي مڙس ان جو کير ڏهتو ۽ ٻنهي زال مڙس خُوب پيٽ ڀري کير پيتو ۽ سڄي رات سُک ۽ چين سان سمهڻ نصيب ٿيو.

حضرت سيّدَتُنا حليمہ سَعدِيہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جو مڙس، سرڪارِ ذي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون اهي برڪتون ڏسي حيران رهجي ويو ۽ چوڻ لڳو: حليمہ! تون وڏو برڪت وارو ٻار آندو آهي، حضرت سيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا چيائون تہ واقعي مون کي بہ اِها ئي اُمّيد آهي. (سيرت حلبيہ، باب ذکر رضاعہ ومااتصل بہ،١٣٢/١، مُسْنَدِ ابي يعلي، مسند ام سلمۃزوج النبي، حديث حليمۃبنت ابي الحارث،١٧١/٦، حديث:٧١٢٧)

يہ کہتی تھی گھر گھر میں جاکر حلیمہ میرے گھر میں خَيْرُالْوَرٰی آ گئے ہیں
بڑے اَوْج پر ہے میرا اب مُقدَّر میرے گھر حَبِیبِ خُدا آ گئے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وُجودِ مُصطَفٰي جون حيرت انگيز برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وُجودِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بَرڪتن جي ڪا انتها ئي ناهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سَيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جي گهر کي پنهنجي آمد جو شرف ڇا بخشيو هر پاسي بهار اچي وئي، سندن وجودِ مسعود جي برڪتن مان نہ رڳو حضرت سَيدَتُنا حليمہ سعديہ

رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا حصو ماڻيو بلڪ انهن جي جانورن به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان خُوب خُوب فُيض ۽ بَرڪتون حاصِل ڪيون،

حضرت سَيدَتُنا حليمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ (جڏهن) اسان رَحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي هنج ۾ کڻي مکي شريف مان پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿياسين تہ منهنجو اهو ئي خَچّر هاڻي ايتري قَدر تيز هلڻ لڳو جو کنهن جي سُواري ان جي غبار يعني پيرن تان اڏندڙ مٽيءَ تائين نہ پهچندي هئي، قافلي جون عَورتون حَيران ٿي مون کي چوڻ لڳيون تہ اي حليمہ! ڇا هي اهو ئي خَچّر آهي جنهن تي تون سُوار ٿي آئي هئين يا ڪو ٻيو تيز رَفتار خَچّر تو ورتو آهي؟ مقصد تہ اسان پنهنجي گهر پهتاسين اتي سَخت ڏڪار هو، سيني جانورن جي ٿڻن ۾ کير خُشڪ ٿي چُڪو هو، پر منهنجي گهر ۾ قَدَم رکندي ئي منهنجي ٻڪرين جا ٿڻ کير سان پرجي ويا، هاڻي روزانو منهنجون ٻڪريون جڏهن چَر ڻ واري ميدان مان گهر واپس موٽنديون هيون تہ انهن جا ٿڻ کير سان پريل هوندا هئا جڏهن تہ سڄي وسندي ۾ ٻئي ڪنهن کي پنهنجي جانورن جو هڪ قَطرو کير جو نہ ملندو هو منهنجي قبيلي وارن پنهنجي ڌنارن کي چيو تہ توهان بہ پنهنجن جانورن کي انهيءَ هنڌ چاريو جتي حليمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جا جانور چَرن ٿا. پوءِ سڀئي ماڻهو انهيءَ چَرڻ واري ميدان ۾ پنهنجو مال چارڻ لڳا، جتي منهنجون ٻڪريون چرنديون هيون پر هتي تہ ميدان ۽ جَنگ جو ڪو عَمَل دَخَل ئي نہ هو هي تہ رَحمَت ِ عَالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُبوّت جي برڪتن جو فَيض هو جنهن کي مان ۽ منهنجي مڙس جي علاوه قَوم جو ڪو شَخص نہ سمجهي سگهندو هو. (سيرتِ مصطفي ص٧۵)

شاہِ جنّ و بشر، خیر سے میرے گھر | تیرے آئیں قدَم، تاجدارِ حرَم
دُور ہوں آفتیں، دیجئے راحتیں | ہو نگاہِ کرَم، تاجدارِ حرَم

(وسائلِ بخشش، ص٢۵٣)

www.dawateislami.net

**منا منا اسلامي ڀائرو!** محبوبِ ڪبرِيا، محمّدِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نشو ونُما ٻين ٻارن کان نِرالي هئي يعني جِسم شريف جو وڌڻ ٻين ٻارن کان بلڪل مُختلف هو، سڀجي ڏينهن ۾ پيارا آقا، آمِنہ جي دِلرُبا، صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ جسم ۾ ايتري نشوونُما ۽ توانائي ايندي هئي، جيتري عام طور تي ٻارن ۾ هڪ مهيني ۾ ايندي هئي.

حضرت سيدُنا امام عبدُالله مروزي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عليه نقل ڪن ٿا تہ جڏهن رسولِ اَڪرَم، شهنشاھ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ ٻن مهينن جي ٿي تہ ٻارن سان گڏ گوڏن جي ڀر هلڻ لڳا، 3 مهينن جي ٿي تہ ويهڻ لڳا، جڏهن 4 مهينن جي ٿي تہ ڀت تي هٿ رکي هر پاسي هلندا هئا، 5 مهينن جي ٿي تہ هلڻ ڦرڻ جي پوري قوت حاصل ڪري چڪا هئا. جڏهن عمر مبارڪ 6 مهينن تائين پهتي تہ تيز هلڻ شروع ڪري ڇڏيو هو، 7 مهينن جا ٿيا تہ هر طرف ڇڳي نموني ڊوڙيندا هئا ۽ جڏهن 8 مهينن جا ٿيا تہ ائين ڳالهائيندا هئا جو ڳالهہ چڱي نموني سمجهہ ۾ ايندي هئي، 9 مهينن جي عمر ۾ فصيح ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون ۽ جڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عُمر مبارَڪ 10 مهينن جي ٿي تہ ٻارن سان گڏ تِير اَندازِي ۾ سَبقت ڪري ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: لِلّٰه دَرُّك يا نَفْسُ اَنَا اِبْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ يعني اي نفس! تو کي خدا ڀلائي ڏي، مان عبدُ المُطَّلِب جو پٽ آهيان. اِنهن ڏينهن ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ماڻهن پڇا ڪئي: توهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: مان طاقت جي اِعتِبار سان هڪ مَضبُوط ترين عرَب آهيان، نيزي بازي ۾ انهن سڀني کان وڌيڪ بهادُر، دِين ۾ سڀ کان اعليٰ محمد بن عبدُ الله بن عبدُ المُطَّلِب(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهيان.

(معارِجُ النُّبُوَّة، رڪن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص۵۵)

اللہ اللہ وہ بچپنے کی پَھبَن اُس خدا بھاتی صورت پہ لاکھوں سلام

اُٹھتے بوٹوں کی نشوونما پر دُرود کِھلتے غنچوں کی نکہَت پہ لاکھوں سلام

## شعر جي مختصر وضاحت:

پهرين شعر جي وضاحت ڪندي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: الله الله حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ شريف جي حُسن ۽ جمال ۽خوبصورتي ۽ خدا جي پسنديده صورت تي لکين سلام هجن. ٻئي شعر جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: جهڙي طرح ٻوٽن جي نشوونُما نهايت تيزي سان ٿيندي آهي، اهڙي طرح نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نشوونُما جو عالَم آهي جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن ۾ ايترو وڌندا آهن جيترا ٻيا ٻار هڪ مهيني ۾ وڌندا آهن ۽ هڪ مهيني جا ٽي سال جيترا نظر اچن ٿا، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ان لاجواب نشوونُما تي جهومي جهومي درودِ پاڪ هجن، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ جسم جو وڌڻ مڪڙي جي مهڪندڙ مهڪندڙ خوشبو سان مُشابهت رکي ٿو، ڇوته آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ جسم مان ٻه خُوشبو نڪري راهن کي مهڪائيندي هئي، ان بي مثال مهڪندڙ واڌاري تي خوب سلام هجن .

هڪ ٻي هنڌ تي عاشقِ ماهِ رِسالت،اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا:

گود میں عالمِ شباب، حالِ شباب کچھ نہ پوچھ گُلبُنِ باغِ نور کی اور ہی کچھ اُٹھان ہے

(حدائقِ بخشش،ص۱۷۹)

ڪلامِ رضا جي وضاحت: يعني منهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن عالَمِ شباب (جواني) ۾ قدم رکيو ته ان وقت سندن جواني جي ڇا شان هئي؟ ان جو اندازو

اسان جا لڳائي سگهون ٿا ڇوته جيڪي پنهنجي والده جي بطنِ اقدس ۾ لوحِ مَحفُوظ تي هلندڙ قلم جو آواز ٻڌن ۽ جُهولي ۾ پنهنجي آڱر کي حَرڪت ڏين ته چنڊ سندن دل وندرائي جڏهن ننڍپڻ هي آهي ته جواني ۾ سندن شان جو عالَم ڇا هوندو، مقصد ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جواني نور جي باغ جو هڪ حَسِين گل هئي جنهن جون ڪجهه عجيب ئي شان هو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "سيرتِ مصطفيٰ" ۽ سيرتِ رسولِ عربي جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضائل ۽ ڪمالات ۽ سندن ننڍپڻ جي باري ۾ وڌيڪ مَعلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب "سيرتِ مُصْطَفيٰ ۽ سيرتِ رسول عربي" جو مُطالعو نهايت مُفيد آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هنن ٻنهي ڪتابن ۾ اِعلانِ نُبوّت ۽ هجرت کان پهريان ۽ بعد جا واقعا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اِختِيارات، ننڍپڻ ۽ خانداني حالات ۽ غزوات جي واقعن کان علاوه جمادات (يعني بي جان شين)، نباتات (وڻن وغيره)، حيوانات ۽ جِنّات وغيره جي باري ۾ مُعجزن کي به نهايت عُمده انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَدِيو ڏئي طَلَب فرمائي پاڻ به هن جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به ان جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هنن ٻنهي ڪتابن کي رِيڊ (يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اچو! بَرَڪت حاصل ڪرڻ ۾ سرڪار صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت وڌائڻ جي لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ جون ڪجھ وڏيڪ پياري پياري اَدائُن جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن سردارِ مَڪ مُڪرَّمَہ، سلطانِ مَدِينہ مُنَوَّره صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجي عُمر جي ابتدائي حصّي ۾ پيدا ٿيندي ئي جيڪو ڪلام فرمايو اھو اَللّٰه اڪبَرَ ڪبِيراً وَالْحَمْدُ لِلّٰه ڪثِيراً هو، اسان جي آقا صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرشتا پينگھو لوڏيندا ھئا.

(سُبُلُ الھدٰي وَالرِّشَاد، الباب التاسع في مناغاته للقم...الخ، ۳۴۹/۱)

حضرت سيدُنا عبّاس رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا تہ مون عرض ڪيو:يارسول الله صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! مون کي تہ اوھان جي نُبُوَّت جي علامتن دِينِ اِسلام ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ڏني ھئي. مون ڏٺو تہ اوھان پينگھي ۾ چنڊ سان راند ڪندا ھئا ۽ پنھنجي آڱر سان جنھن پاسي اشارو ڪندا ھئا چنڊ ان پاسي جھڪجي ويندو هو. (جمعُ الجَوامع، حرف الھمزة مع النون، ۲۱۲/۳، حديث:۸۳۶۱)

سَروَرِ ذِيشان،مَحبوبِ رَحمٰن صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انھيءَ معجزي جو نقشو چٽيندي اعليٰ حضرت، امامِ اھلسنت مولانا شاھ احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه پنھنجي نعتيہ ديوان حدائقِ بخشش ۾ فرمائن ٿا:

چاند جھک جاتا جدھر اُنگلی اٹھاتے مہد میں کیا ہی چلتا تھا اشاروں پر کِھلونا نور کا

(حدائقِ بخشش، ص۲۴۹)

**شعر جي وضاحت:** يعني رحمت عالَم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنھنجي پينگھي ۾ ليٽي ڪري پنھنجي آڱر کي لوڏيندا ھا تہ نُوري رانديڪو يعني چنڊ اوھان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندي پاڻ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڱر جي اِشارن تي چر پرڪندو هو .

www.dawateislami.net

ٻارن جي عادت جي مطابق ڪڏهن به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪپڙن ۾ بول ۽ براز نه ڪيو، بلڪ هميشه هڪ مُعَيّن وقت تي رَفعِ حاجَت ڪندا هئا.

(معارِجُ النُّبُوَّة، رڪن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص۵۶)

مَیل سے کس درجہ ستھرا ہے وہ پُتلا نور کا　　ہے گلے میں آج تک کورا ہی کُرتا نور کا

(حدائق بخشش،ص۲۴۴)

**شعر جي وضاحت:** اي منهنجا پيارا آقا! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو جسم اقدس مير متيءَ کان تمام گهڻو صاف ۽ شَفاف آهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بدنِ مبارڪ تي هميشه سادي قميص ئي استعمال فرمائي .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن کان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گُفتگو جو آغاز فرمايو، بِسْمِ الله شريف پڙهڻ بنا ڪنهن شيءِ ڏانهن هٿ نه وڌايو ۽ نه ئي کاٻي هٿ سان ڪا شيءِ نه ورتي. (معارِجُ النُّبُوَّة، رڪن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص۵۶)

حضرت سَيدَتُنا حليمه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: دورانِ شيرخوارگي (يعني کير پيئڻ واري عمر ۾) پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سار سنڀار ۾ مون کي نهايت آرام ۽ آسائش هئي. (معارِجُ النُّبُوَّة، رڪن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص۵۶) جڏهن مان اوهان کي وهنجارڻ چاهيندي هئس ته غيب مان ڪو ئي مون کان اڳتي وڌي ويندو هو. (معارِجُ النُّبُوَّة، رڪن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص۵۶)

پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻين ٻارن جيان نه دانهون ڪندا هئا نه ئي گِريو زاري ڪندا هئا. (معارِجُ النُّبُوَّة، رڪن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص۵۶)

فضلِ پیدائشی پہ ہمیشہ دُرود کھیلنے سے کراہت پہ لاکھوں سلام

(حدائق بخشش،ص۳۰۶)

**شعر جي وضاحت:** حضور نبي ڪريم صَلَّى اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيدائش جي موقعي تي عجيب ۽ غريب واقعا ظاهر ٿيا مثال طور حضرتِ آمنہ رَضِی اللہ تَعَالٰی عَنْھا ڪي مڪي ۾ ويهي قيصر ۽ ڪسريٰ جا محل نظر اچڻ، بطنِ اقدس مان نڪرندڙ نور سان سڄي دنيا جو روشن ٿيڻ، ايوانِ ڪسريٰ جا چوڏهن (14) ڪنگرا ٽٽي ڪري پوڻ، اِيران جي آتش ڪدي جو وسامڻ، جانورن جو هڪ ٻئي کي مبارڪباد ڏيڻ وغيره وغيره. ان عظمت تي هميشہ رحمت الٰهي وسندي رهي ۽ پاڻ صَلَّى اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو راند روند ڏانهن مائل نہ ٿيڻ جي پياري عادت تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

روزانو هڪ نُور سج جيان رحمت عالميان، مڪي مدني سُلطان صَلَّى اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيندو هو جيڪو اوهان کي ڍڪي لاهيندو هو ۽ پوءِ هليو ويندو هو. (معارِجُ النُّبُوَّة، رڪن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص۵۶)

حضرت سَيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِی اللہ تَعَالٰی عَنْھا فرمائن ٿيون: هڪ ڏينهن حُضور صَلَّى اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي هنج ۾ هئا تہ ڪجهہ ٻڪرين جو گُذر ٿيو ،اُنهن مان هڪ ٻڪري آئي ۽ جلدي سان پنهنجو مٿو زمين تي رکيو (يعني سجدو ڪيو ۽ ان کان بعد)، حُضور صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سرِ اَقدَس کي چمي ڏني ۽ واپس موٽي وئي.

چاند شق ہو پیڑ بولیں جانور سجدے کریں
بارَكَ الله مرجعِ عالم یہی سرکار ہے
(حدائق بخشش،ص۱۷۶)

**شعر جي وضاحت:** اسان جي آقا عَلَيهِ الصَّلٰوةُ السَّلَام تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ڪيترو ڪرم آهي ته آڱر جي اشاري سان چنڊ ٽڪرا ٽي رهيو آهي، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم سان وڻن کي ڳالهائڻ جي سگهه ملي رهي آهي، جانور پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سجدو ڪن ٿا، سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان جا آقا عَلَيهِ الصَّلٰوةُ السَّلَام رڳو انسانن جا ئي مرجع نه آهن بلڪ مَرجع عالَم آهن، يعني تمام مخلوق اوهان ئي ڏانهن رجوع ڪندي آهي ته اهڙي طرح پاڻ سيني جي پناهه گاهه آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻڌو اوهان ته اسان جي پِياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ جون اَدائون ڪيتريون خُوبصورت هيون جو پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پينگهوڙي مان چنڊ سان کيڏندا هئا، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عام ٻارن وانگر روئندا نه هئا، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن گُفتُگو جو آغاز فرمايو ته سڀ کان پهريان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو مُبارَڪ نالو ورتو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڪنهن ڪم جي لاءِ هٿ وڌائيندا هئا ته بِسمِ اللّٰه شريف پڙهندا هئا ۽ ڏيڻ وٺڻ ۾ هميشه سڄو هٿ استعمال ڪندا هئا.

## ڪڏهن بسم اللّٰه پڙهڻ گهرجي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي به پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪندي هر جائز ڪم کان پهريان بِسمِ اللّٰه شريف پڙهڻ گهرجي ته ان سان ڪم ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ جنهن ڪم جي ابتدا ۾ بِسمِ اللّٰه نه پڙهي وڃي اهو نامڪمل رهجي ويندو آهي جيئن ته

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: **جيڪو بہ اهم ڪم** بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم **سان شروع ناهي ڪيو ويندو اهو اڌورو رهجي ويندو آهي.**" الدرالمنثورج ١ ص ٢٦ ) تنهنڪري ڪائڻ ڪارائڻ، پيئڻ پيارڻ، رکڻ کڻڻ، ڌوئڻ، پچائڻ، پڙهڻ، پڙهائڻ، هلڻ (گاڏي وغيره) هلائڻ، ويهڻ ويهارڻ، بتي ٻارڻ، پکو هلائڻ، دسترخوان رکڻ کڻڻ، بسترو وڇائڻ ويڙهڻ، دڪان کولڻ، بند ڪرڻ، تالوکولڻ بند ڪرڻ، تيل وجهڻ، عطر لڳائڻ، بيان ڪرڻ، نعت شريف ٻڌائڻ، جُتي پائڻ، عمامو سجائڻ، دروازو کولڻ، بند ڪرڻ، الغرض تہ هر جائز ڪم جي شروع ۾ (جڏهن تہ ڪا شرعي ممانعت نہ هجي) بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي عادت بڻائي ڪري ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ عين سعادت آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي بہ گهرجي تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪندي نہ رڳو پاڻ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عَمل ڪيون بلڪ پنهنجن ٻارن جي مدني تَربِيت ڪندي ان ڳالھ جو لحاظ رکون تہ انهن کي "تاتا،پاپا" سيکارڻ بدران ابتدا ئي کان الله عَزَّ وَجَلَّ جو نالو وٺڻ سيکاريون، انهن سان ڪيڏڻ مهل سڪائڻ جي نيت سان انهن جي سامهون بار بار الله،الله ڪندا رهون، ائين ڪرڻ سان اِن شَآءَاللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ ٻار جي زبان مان سڀ کان پهريون لفظ "الله" نڪرندو.

وڏيڪ ڳالهائڻ شروع ڪري تہ پوءِ ڪلمہ طَيبَہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰه چوڻ سيکاريو. ڪي ماڻهو پنهنجي ٻارن کي هي سيکاريندا آهن تہ الله مٿي آهي، لٰهذا انهن ٻارن کان جڏهن پيار سان پڇيو وڃي تہ پٽ! الله تعاليٰ ڪٿي آهي؟ تہ هو هڪدم آسمان ڏانهن آڱر کڻندو آهي، ٻارن کي ان طرح جا اشارا هرگز هرگز نہ سيکاريو.ياد رکو! اولاد جي صحيح تربيت جو بهترين وقت ننڍپڻ ئي هوندو آهي، چوتہ جيڪا نيڪ ۽ سني عادت ننڍپڻ ۾ سيکاري ويندي

آهي اها زندگي جي ڪنهن موڙ تي نئي سيکاري سگهجي، ٻار کي جيڪڏهن ايندي ويندي وقت ٽاٽا ”باءِ باءِ“ سڪائڻ جي بدران سلام ڪرڻ سڪاريندا سين ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ هو سڄي عمر ان عادت کي نه ڇڏيندو، جيڪڏهن ننڍڙي عمر ۾ سچ ڳالهائڻ جي عادَت وڌي وجي ته هو سڄي عُمر ڪوڙ کان بيزار رهندو، اهڙي طرح جيڪڏهن سُنّت جي مُطابِق کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ جوتو پائڻ، لباس پائڻ مٿي تي عِمامو ٻڌڻ ۽ وارن ۾ ڪنگهي وغيره ڪرڻ جو عادي ننڍپڻ ئي کان بڻايو وڃي ته اهو نه صرف پاڻ ان پاڪيزه عادتن کي اپنائي رکندو بلڪ ان جا هي چڱا وصف ان سان گڏ رهڻ وارن ٻين ٻارن ۾ به منتقل ٿيڻ شروع ٿي ويندا. جيڪڏهن ٻارن جي صحيح تربيت نه ٿيڻ سبب خدانخواسته اهي گناهن جي راهه تي هلڻ لڳا، ته اهڙو اولاد جتي دنيا ۾ والدين جي رُسوائي جو سَبب بڻجي ويندو آهي، اتي آخرت ۾ به والِدَين جي پڪڙ جو باعث بڻجي سگهي ٿو جيئن ته

حضرت سَيدُنا عبدُالله بن عمر رَضِيَ الله تَعَالي عَنْهمَا هڪ شخص کي فرمايائون: پنهنجي ٻار جي سٺي تربيت ڪيو ڇوته توهان کان توهان جي اولاد جي باري ۾ پڇيو ويندو ته توهان ان جي ڪهڙي تَربِيت ڪئي آهي ۽ توهان ان کي ڇا سيکاريو آهي. (شعب الايمان، ۶/۴۰۰،حديث۸۶۶۲)

منا منا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ٻارن ۽ ٻارڙين يعني مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين جي مدني تربيت ڪيئن ڪريون؟ ان جي لاءِ مان اوهان کي مشورو ڏيان ٿو ته مڪتبة المدينه جي ڪتاب ”تربيتِ اولاد“ جو مطالعو ڪيو، ان کان سواء اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي رِسالي ”اولاد جا حق“ جو به مطالعو فرمايو ۽ ياد رکو ته! ٻارن جي تربيت جي لاءِ والِدين جو سٺي ماحول سان وابسته رهڻ نهايت اَهم آهي، ڇوته ان جي بغير تربيتِ اولاد جو خواب ڪڏهن به پورو نٿو ٿي سگهي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مسجد درس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سٺي صحبت، مدني ماحول ماڻهن ۾ ٻارن جي مدني تربيت ڪرڻ جو دُرست طَرِيقو سکڻ جي لاءِ دَعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هر دَم وابسته رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12مَدَني ڪمن ۾ خُوب حِصّو وٺو، ذيلي حلقي جي ٻارهن (12) مدني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مسجددرس“ به آهي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ مسجد درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ جي برڪت سان ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي، حديثِ قُدسي ۾ آهي ته الله عَزَّ وَجَلَّ حضرت سيدُنا مُوسيٰ ڪلِيم الله عَلٰى نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وَحي فرمائي: ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن ڪندس ته جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وَحشت نه ٿئي. (حِليَةُ الاَولِياء ج۶، ص۵ حديث۷۶۲۲) اچو! تَرغِيب لاءِ مَسجد درس جي هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ جهومجي وڃو جيئن

## درس جي برڪت سان عمامو سجائي ورتو

هڪ مَدَني قافلو سکر بابُ الاسلام سنڌ جي هڪ ڳوٺ ۾ ويو. هڪ اسلامي ڀاءُ نماز کان بعد درس ڏنو. درس ۾ پاڻي پيئڻ جون سُنتون ۽ آخر ۾ بيهي ڪري پاڻي پيئڻ جا نُقصان بيان ڪيا ويا. هڪ وڏي عُمر جا بُزرگ جيڪي اتي تشريف فرما هئا، هو ٻڌي روئڻ لڳا، ماڻهن پڇيو: اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ انهن ڪجهه ان طرح پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو ته منهنجي وڏي عمر گذري وئي، پر مون کي انهن سُنّتن جي باري ۾ معلومات نه هئي، عنقريب مان به مرڻ وارو آهيان، اجا تائين مون کي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن جي باري ۾ علم ئي ناهي ته قبر ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيئن

سجاڻيندس. اهي بزرگ ايترا ڪمزور هئا جو انهن کي سهارو ڏئي اٿاريو ويندو هو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ اهي دعوتِ اسلامي سان ايترو متاثر ٿيو جو مٿي تي سبز سبز عِمامَو شَريف سَجائي ورتو.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم اک اک گھر میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یاالله میری جھولی بھر دے

(وسائل بخشش،ص۱۲۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ننڍپڻ بہ نهايت ئي دلڪش هو، ڇوتہ سندن وجودِ مَسعُود جون بَرڪتون ۽ بهارون تہ ننڍپڻ ئي کان ظاهر ٿيڻ شُروع ٿي ويون هيون، اچو! پنهنجن سِينن ۾ مَحَبَّتِ مُصطَفٰي کي وڌيڪ اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وُجودِ مبارڪ مان ظاهر ٿيڻ وارين بَرڪتن جي باري ۾ ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## وُجُودِ مُصطَفٰي جون بهارون

حُضور پُرنور، فيضِ گنجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي رضاعِي ڀاء سان گڏجي ٻڪريون چاريندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضاعي ڀاء هڪ ڏينهن پنهنجي والِده کي عرض ڪرڻ لڳا: اَمان! منهنجو حجازي ڀاء جڏهن ڪنهن خُشڪ وادي ۾ قدَم رکندو آهي تہ ان جي تازگي ۽ ساوڪ موٽي ايندي آهي. جڏهن ٻڪرين کي پاڻي پيئارڻ جي لاءِ کوھ جي ويجهو ويندو آهي تہ پاڻي خودبخود کوھ جي منهن تائين بلند ٿي ويندو آهي. جڏهن سمهندو آهي تہ ان وقت دَرندا

ايندا آهن ۽ قدم بوسي ڪندا(يعني پير مبارڪ چمندا) آهن ۽ جڏهن اُس ۾ سمهندا آهن تہ ڪڪر اچي سج جي تپش ۾ ان تي ڇانو ڪندو آهي. هي ٻڌي حضرت سيدَتُنا حليمہ سعديہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھا ارشاد فرمايائون: اي منهنجا پٽ! پنهنجي ڀاء جو خيال رکجان. (الرَّوضُ الفائِق، ص۳۰۳)

ترِی صُورت ترِی سیرت زمانے سے نرالی ہے
ترِی ہر ہر ادا پیارے دلیلِ بے مثالی ہے
بشر ہو یا مَلَكْ جو ہے ترِے در کا سوالی ہے
ترِی سرکار والا ہے ترا دربار عالی ہے
(ذوق نعت،ص۱۶۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! پنهنجي دل ۾ محبتِ مُصطَفٰي وڌيڪ وڌائڻ جي لاءِ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ شريف جا وڌيڪ واقعا ٻڌون ٿا:

## ابو طالب جي گهر ۾ برڪتون!

جڏهن حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو طالب پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ڪفالت ۾ ورتو ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ابو طالب جي گهر آيا تہ ان جو گهر برڪتن پريو ٿي ويو جيئن ابو طالب جو بيان آهي تہ (سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ڦهريان) جڏهن بہ منهنجا ٻار ڪاڌو ڪائيندا هئا تہ پيٽ نہ ڀرجندو هئن، پر جڏهن کان حضورِپُرنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان اهي گڏ ڪاڌو ڪائن ٿا تہ سيئي ٻار پيٽ ڀري ڪائن ٿا، ان ڪري جڏهن بہ مان پنهنجي ٻارن کي ڪاڌو ڏيڻ چاهيندو هيس تہ چوندو هيم ترسو، منهنجي پٽ (محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) کي اچڻ ڏيو پوءِ ڪاڌو ڪائڻ شروع ڪجو، اهڙي طرح جڏهن بہ ٻارن کي کير پيئارڻو هوندو هو تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڦهريان پيئاريندا هئا پوءِ پنهنجي ٻارن کي ڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن ان جي پٽن مان ڦهريان ڪو پي وٺندو

هو تہ هو سڄو ٿانو اڪيلو ئي ختم ڪندو هو.ابو طالب هي ڏسي چوندا هئا:
اي محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي برڪتن جي ڇا ڳالھ ڪجي. (دلائل النبوة ص۹۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللّٰه تعاليٰ جا اهڙا پاڪيزه رسول آهن جو جنهن کي انسانن سان گڏوگڏ جانور بہ سڃاڻن ٿا تہ اوهان اللّٰه تعاليٰ جا آخري رسول آهيو، اهو ئي سبب آهي جو جانور جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روشن چهري کي ڏسندا هئا تہ سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قُرب ماڻڻ جي ڪوشِش ڪندا هئا. اچو! ان باري ۾ هڪ اِيمان افروز رُوحاني واقعو ٻڌو ۽ جهومو، جيئن

## يمن جو سفر

جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ ڏھ (10)سالن جي هئي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي چاچي زُبير سان گڏ يمن جي سفر تي ويا، ۽ هڪ وادي مان گذريا، جنهن ۾ هڪ نر اُٺ هو جيڪو ماڻهن کي لنگهڻ کان روڪي رهيو هو، جڏهن ان اُٺ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ ويهي رهيو ۽ پنهنجو سِينو زَمِين تي گسائڻ لڳو تہ آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُٺ تان لهي ان تي سوار ٿيا جڏهن وادي پار ڪري ورتي تہ ان کي ڇڏي ڏنو جڏهن سَفر تان موٽيا تہ ڏٺائون وادي پاڻي سان پرجي وئي آهي تہ سڀ قافلي وارا اتي ترسي پيا، تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون تہ توهان منهنجي پويان اچو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وادي جي اندر تشريف کڻي ويا ۽ سڀ قُريش پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان پويان هلڻ لڳا. اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڻي خشڪ ڪري ڇڏيو، جڏهن اهي ماڻهو مڪي واپس موٽيا تہ سيني کي هي واقعو ٻڌايو، جنهن کي ٻڌي انهن چيو ان ٻار جي شان نرالي آهي. (سبل السهدي والرشاد ، ۲/ ۱۳۹)

| | |
|---|---|
| اللہ اللہ شہِ کونین جلالت تیری | فرش کیا عرش پہ جاری ہے حکومت تیری |
| تُو ہی ہے ملکِ خدا ملکِ خدا کا مالک | راج تیرا ہے زمانے میں حکومت تیری |

(ذوقِ نعت،ص۱۷۱ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَعلُوم ٿيو تہ اسان جي آقا، مَدِيني واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عام انسانن وانگر بالڪل نہ هئا بلڪ الله عَزَّ وَجَلَّ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خاص اِنعام و اِڪرامن سان نَوازيو هو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خُوب شان ۽ عظمت بيان ڪيون، نہ صرف پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مُقدَسَّہ سان مَحَبَّت ڪرڻ وارن سان مَحَبَّت ڪيون ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ بي اَدبيون ڪرڻ وارن جي صُحبَت کان پري رهون. ان مقصد جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهون، تہ ان مدني ماحول سان وابستہ رهڻ جي برڪت سان دُنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ دعوتِ اسلامي مختلف شُعبن جي ذريعي دِين جي پيغام کي عام ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهي آهي.

## مَجلِسِ آئي ٽي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي 102 کان وڌيڪ شعبن مان هڪ شعبو "**مجلس آئي ٽي**" جو تعارف ٻڌو:

اِنفارميشن ٽيڪنالوجي جي ذريعي سڄي دُنيا جي ماڻهن تائين دُرُست اِسلامي تعليمات پهچائڻ ۽ اُنهن کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشِش جو مَدَني ذِهن ڏيڻ ان مَجلس جي بُنيادِي مَقصدن ۾ شامِل آهي."مَجلسِ آئي ٽي" جي ڪارنامن مان هڪ ڪارنامو اعليٰ حضرت،اِمامِ

اَهلسُنّت مَولانا شاه اَحمد رَضا خان رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه جي تَحرير ڪيل فتاويٰ جات جي مَجمُوعي بِنَام ”فتاويٰ رَضَوِيه“ ۽ شُهره آفاق تَرجمو قُرآن ڪنزُالاِيمَان کي سافٽ وئير جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ بہ آهي جيڪو گهڻو ساراهه جوڳو ڪارنامو آهي. ان مَجلِس ”مَجلِسِ تَوْقِيت“ جي تَعَاوُن سان هڪ اهڙو سافٽ وئير بہ مُتَعَارَف ڪرايو آهي جيڪو ڪمپيوٽر وغيره تي نَمازن جي دُرُست وقت جي نشاندهي ڪرڻ ۾ بيحد مُفِيد آهي،اَلمدينہ لائبريري سافٽ وئير جي ذَرِيعي 200 کان وڌيڪ ڪتابن جو آساني سان مُطَالَعو ڪري سگهجي ٿو.

اللہ کرم ایسا کرے تُجھ پہ جَہاں میں اے دعوتِ اِسلامی تِری دُھوم مچی ہو

(وسائل بخشش مرمم،ص۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آڱرجي اشاري سان برسات ٿي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّ وَجَلَّ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هر شيءِ جو مالڪ ۽ مختار بڻايو آهي، جنّ هجي يا انسان، سج هجي يا چنڊ، زمين ۽ آسمان ۽ ڪڪرن تي بہ نبي مختار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪومت قائم آهي، ڪڪرن کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان اشارو فرمايو تہ اهي پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪم جي تعميل ڪندي ڇماڇم وسڻ لڳندا هئا. اچو! ان باري ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا جيئن،

هڪ ڀيري عرب شريف ۾ تمام گهڻو ڏڪار پئجي ويو، انهن مان هڪ حسين ۽ جميل پوڙهي مڪي وارن کي چيو تہ اي مڪي وارو! اسان ۾ ابُوطالب موجود آهن جيڪي باني ڪعبہ حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلي نَبِيِّنا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي اولاد مان آهن ۽ ڪعبي جا مُتوَلّي ۽ سجاده نشين بہ آهن، اسان کي ان

وٽ هلي دُعا لاءِ درخواست ڪرڻ گهرجي، پوءِ سردارانِ عرب ابو طالب جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض گذار ٿيا تہ اي ابو طالب! ڏڪار جي باھ سڄي عرب کي ساڙي ڇڏيو آهي، جانور گاھ پاڻي جي لاءِ ترسي رهيا آهن ۽ انسان داڻو پاڻي نہ ملڻ سبب تڙپي تڙپي دَم ڏين پيا، قافلن جي آمد ۽ رفت بند ٿي چڪي آهي ۽ هر پاسي بربادي ۽ ويراني ٿي چڪي آهي، اوهان برسات جي لاءِ دُعا ڪيو، اهلِ عرب جي فرياد ٻُڌي ابو طالب جو دل پرجي آيو ۽ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان گڏ وني حرمِ ڪعبہ ۾ ويا ۽ حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪعبي جي پٽ سان ٽيڪ لڳائي ويهاري ڇڏيو ۽ دُعا گهرڻ ۾ مشغول ٿي ويا، دُعا دوران حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي آڱر مُبارڪ کي آسمان ڏانهن ڪنيائون، هڪ دَم چئني پاسن کان ڪڪر ظاهر ٿيا ۽ فوراً ئي ايتري زور سان رحمت پري برسات ٿي جو عرب جي زمين سيراب ٿي وئي، جنگلن ۽ ميدانن ۾ هر پاسي پاڻي ئي پاڻي نظر اچڻ لڳو، چٽيل ميدانن جون زمينون سرسبز ۽ شاداب ٿي ويون، ڏڪار ختم ٿي ويو ۽ سڄو عرب خوش حال ۽ نهال ٿي ويو، پوءِ ابوطالب پنهنجي اُن ڊگهي قصيدي ۾ جنهن ڪي حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعريف ۾ لکيو هو، ان ۾ هن واقعي کي هڪ شعر ۾ اهڙي طرح ذڪر ڪيو آهي تہ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙي سفيد رنگ وارا آهن جو سندن رُخِ اَنور جي ذريعي برسات طلب ڪئي ويندي آهي، هو يتيمن جو نڪاڻو ۽ بيوائن جا نگهبان آهن. (شرح زرقاني،١ /٣٥٥ملخصا)

جن کو سُوئے آسماں پھیلا کے جَل تَھل بھر دیے
صدقہ اُن ہاتھوں کا پیارے ہم کو بھی درکار ہے

(حدائقِ بخشش،ص١٧٦)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان معلوم ٿيو تہ مصيبت ۽ پريشاني جي وَقت بارگاهہ الٰهي ۾ ان جي نيڪ ٻانهن کي وسيلو بڻائي دُعا گهرڻ نہ صرف جائز بلڪ دُعا جي قبوليت جو سبب بہ آهي، الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن کي وسيلو بنائڻ اهڙو بهترين عمل آهي جو خود اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمت کي ان جي تعليم فرمائي آهي ، جيئن

## نابين کي اکيون ملي ويون

حضرت سَيدُنا عثمان بن حُنيف رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْه کان روايت آهي تہ هڪ نابين صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْه بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: اللهعَزَّ وَجَلَّ کان دُعا ڪيو تہ مون کي عافيت ڏي. ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن تون چاهين تہ دُعا ڪيان ۽ چاهين تہ صبر ڪر ۽ هي تنهنجي لاءِ بهتر آهي.انهن عرض ڪيو: حضور! دُعا فرمايو. انهن کي حڪم فرمايو: وضو ڪيو ۽ بهتر وضو ڪيو ۽ ٻہ رَڪعت نَماز پڙهي هي دُعا پڙهو:

اَللّٰهُمَّ اِنِّي اَسْئَلُكَ وَاَتَوَسَّلُ وَاَتَوَجَّهُ اِلَيكَ بِنَبِيكَ مُحَمَّدٍ نَّبِی الرَّحْمَةِ

يا رَسُوْلَ اللهِ اِنِّي تَوَجَّهْتُ بِكَ اِلٰى رَبِّي فِي حَاجَتِي هٰذِهٖ لِتُقْضٰى لِي اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعْهُ فِي

يعني اي الله عَزَّ وَجَلَّ ! مان تو کان سوال ڪريان ٿو ۽ وسيلو تلاش ڪريان ٿو ۽ تو ڏانهن مُتَوَجِّہ ٿيان ٿو، تنهنجي نبي محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذَريعي سان جيڪي نبي رحمت آهن.يا رسولَ الله (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آئون حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ذَريعي سان پنهنجي ربّ عَزَّ وَجَلَّ ڏانهن هن حاجت جي باري ۾ مُتَوَجِّہ ٿو ٿيان تہ جيئن منهنجي حاجت پوري ٿئي. الٰهي(عَزَّ وَجَلَّ)! انهن جي

شفاعت منهنجي حق ۾ قبول فرماءِ ."

حضرت سَيدُنا عثمان بن حُنيف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا:خدا عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! اسان اٿيا بہ نہ هئاسين ڳالهيون ئي ڪري رهيا هئاسين جو هو اسان وٽ آيا، ڄڻ ڪڏهن نابين ئي نہ هيا. (معجم ڪبير،۹/۳۰حديث:۸۳۱۱ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ نيڪ ٻانهن کي وسيلو بڻائي دُعا گهرڻ، دُعائن جي قبوليت جو بهترين ذريعو آهي. الله عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي وسيلي سان گهري ويندڙ دُعائن کي نهايت جلد قبول ڪندو آهي. جيڪڏهن اسان جهڙا گنهگار بہ نيڪ ٻانهن ۽ انهن جي خالص ۽ مقبول نيڪين جي وسيلي سان دُعا گهرن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات مان اُميد آهي تہ هو اسان جون حاجتون پوريون ڪندو، ڇو تہ انهن جون نيڪيون بارگاهہ خداوندي ۾ مقبول آهن، اسان دُعا ڪيون ٿا تہ "اي اسان جا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي پياري نبي، سچّي نبي،آمِنہ جي پياري، نبي، حبيبِ ڪبريا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقبول سجدن جو واسطو، حضرتِ امام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي شهادت جو صَدقو ۽ حضور غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي اطاعتن جو واسطو اسان کي پنهنجي دائمي(هميشگي واري) رضا ، پنهنجي ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي محبت، اولياء ڪرام جو اَدَب ۽ اِحترام ، نيڪ عملن تي اِستقامت، تَقوٰي ۽ اِخلاص ۽ بهتر خاتمي جي دولت سان مالامال فرما!

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان حُضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ شريف جي ڪجھ دلنشين احوال جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي ته

- مڪي مدني مصطفيٰ،حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تمام رِضاعي مائرن کي اسلام جي دولت نصيب ٿي.
- مڪي مدني مصطفيٰ،حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان حليمه سعديه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جو خچر توانا ٿيو ۽ انهن جي جانورن جا ٿڻ کير سان ڀرجي پيا.
- مڪي مدني مصطفيٰ ،حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 9 مهينن جي عمر ۾ فصيح ڪلام ڪيو ۽ 10 مهينن ۾ تِير اندازي فرمائي.
- مڪي مدني مصطفيٰ،حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ننڍپڻ ۾ به چنڊ سان ڳالهيون ڪندا هئا.
- حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻين ٻارن وانگر نه روئيندا هئا ۽ نه ڪِريو زاري ڪندا هئا.
- مڪي مدني مصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪلام جي ابتدا الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر سان ڪئي.
- مڪي مدني مصطفيٰ،حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏيڻ وٺڻ ۾ ساڄي هٿ جو استعمال ڪندا هئا، نه رڙيون ڪندا هئا نه روئيندا هئا.

www.dawateislami.net

- مڪي مدني مصطفيٰ،حبيبِ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪت سان ابو طالب جي ٻارن جو پيٽ پرجي ويندو هئو.

- مڪي مدني مصطفيٰ،حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو جانورن بہ ادب ڪيو، سجدا ڪيا ۽ درندن بہ قدم شريف چمڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

- مڪي مدني مصطفيٰ،حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي بادلن ڇانو ڪئي ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اشاري سان خوب وسيا.

اُن کا بچپن بھی ہے جہاں پرور
وہ تو جب بھی تھے پالنے والے

اي ڪاش تہ سمورا والدين، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ننڍپڻ ڪي مدِ نظر رکي ڪري پنهنجي ٻارن جي صحيح اسلامي تعليمات جي مطابق مدني تربيت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (2)

سنّت کے مطابِق میں ہر اک کام کروں کاش
تُو پیکرِ سنّت مجھے اللہ! بنادے
(وَسائلِ بخشش(مرمم)،ص١١٨)

---

[2] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

## هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 101 مدني گل مان هٿ ملائڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان ٻہ (2) فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملاحظہ ڪيو: ❖ جڏهن ٻہ مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهن جي درميان سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوي 90 رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن. (معجم اوسط،۵/۳۸۰، رقم: ۷۶۷۲) ❖ جڏهن ٻہ دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناھ بخشيا ويندا آهن. (شعب الايمان،۶/ ۴۷۱ ، حديث: ۸۹۴۴)

❖ ٻن (2) مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مُصافحو ڪرڻ يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي. ❖ موڪلائڻ وَقت بہ سلام ڪيو ۽ هٿ بہ ملائي سگهو ٿا. ❖ هٿ ملائڻ وقت درود شريف بہ پڙهو، ٿي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهو: "يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ" (يعني **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ) ❖ ٻہ مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ قبول ٿينديون. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ (مسند احمد،۴/۲۸۶، حديث: ۱۲۴۵۴) ❖ ٻنهي طرفن کان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي. ❖ ڪي ماڻهو صرف پاڻ ۾ آڱريون ملائيندا آهن، اهو بہ سنّت نہ آهي ❖ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروھ آهي. (بهارِ شريعت، حصّہ ۱۶،۳/۴۷۲بتغير قليل) ❖ جيڪڏهن

اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ شهوت ٿئي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي. (دُرِّمُختار،۲/۹۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو　　پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے، تین دن کے لیے　　ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ
الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[4]

---

[3]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون،ص151ملخصًا

[4]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[6]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[7]

---

[5] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[6] ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[7] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

## (6) دُرُودِ شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[8]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[9]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[10]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[8] … الترغيب والترهيب،ڪتاب الذڪر و الدعاء،۳۲۹/۲،حديث:۳۰

[9] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[10] … تاريخ ابنِ عساڪر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵